


Gul Hayat Institute

# صوفي محمد پريل سومرو

سهيڙيندڙ حاجي فقير عبدالحميد سومرو درازي

Scanned with CamScanner

هو حق موجود — هو سدا موجود

بسم الله الرحمٰن الرحيم

يار ڇل مون گهر اچي، هڪوار ڪو لهڙو لوي
وصل جون واديون ڪلن، تني حج هي، ڪو اڪبري.

# بياض

☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆

# صوفي پريل فقير

## سودائي سومرو

حاجي عبدالحميد سومرو (درازي)

جاني جدا ٿي وڃين ٻنا پائي ٻڪ
گهوري عبدالحميد توتان لک جي موتي اچين منهنجا مٺا

0333-3510750

☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆☆

سنواريندڙ و شايع ڪرائيندڙ

الفقير الـي الله (حاجي عبدالحميد سومرو (درازي)

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner



# انتساب

ميڪنم آغاز اين مڪتوب را
جان داده بردلم محبوب را
روشنائي بحر اشجرها قلم-
در صفت آن شهه نمي آرند دم

صوفين جي سرتاج شهيد في سبيل الله شاهه عنايت الله رحه جهوڪ
(ميرانپور شريف) جي موجوده سجاده نشين حضرت صاحب ڪريم اصوفي
عطاالله صاحب) مد ظلہ العاليہ جي نام نامي اسم گرامي، ڏانهن منسوب ڪندي
نهايت مسرت حاصل ٿيان ٿو. جنهن جي فيض بشارت لکين دلين کي صراط
لستقيم تي هلڻ جي توفيق بخشي. سندس صحبت اڪثير مون جهڙن
سياهڪارن لاءِ هٿ ۾ لاٽ جو ڪم ڪيو.

گرقبول افتند

☆☆☆☆☆



احقر العباد من عباد الرحمان

حاجي عبدالحميد سومرو درازي

(مرزاپوري حال خيرپور ميرس

1-10-2005ع



Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

# نعت (1)

واهه شان رسول عربي قرآن ۾ ثابت آ بيان رسول عربي

انا اعطينا آيت تنهن تي الله ڪئي آ عنايت

اڄ نانو ڪلهه سان راحت نشان رسول عربي

جنهن تي الله خود عاشق مثس رب جو وڏو لائق

جبريل جهڙو ٻه ملائڪ دربان رسول عربي

اڄڻ ڀر آ اداسي ٿو پريل پڪاري پياسي

آهي نانو سنڌس جو آسي امان رسول عربي

حاجي فقير عبدالحميد سومرو
درازي
موبائل نمبر 0333-3510750

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# نعت بحضور سرور ڪائنات (2)

دل سان درود پڙهو محمد مٿي تي اسان عاجزن جو آڌار آهي
محبت سان مؤمن پلپل پڪاريو مولا سندو سوڻي مٺار آهي

1

خاص خدا جو آهي دوست دلبر پڙهي تو صلواتون مٿس پاڻ پرور
ساريءَ خدائيءَ ۾ آ سالار سرور مڙني مرسلن جو مهندار آهي

2

الله ڪيو آدم مٽيءَ مان پيدا ڪيا ڪيس ملڪن سڀن تنهن سجدا
ڪيو عار ابليس اهو لعنتي لعين آ هر جاءِ اهو ٿيو شرمسار آهي

3

آدم حوا کان جڏهن ٿيو جدا هو صحابي محمد جي ملايو خدا هو
سڀني نبين ۾ نور الهدى هو محمد مڙني جو مددگار آهي

4

ڪيو قرب قادر اسان امتين تي آيو ٿي آ رحمت اسان عاصين ڏي
آهي آسرو اسان سڀن عاجزن کي سو شافع محشر جو شفادار آهي

Gul Hayat Institute

5

سوداڻي سيد تي پڙهه تون صلواتون صحابي محمد جي ٿينديون سڀ سڦريون
مڙني معاف ٿينديون ڪير جي خطائون ولسوف وارو اقرار آهي



Scanned with CamScanner

# ڪافي (3)

ٻوڙئون لکيل جنهن جي مقدر ۾ جو آهي
هر ڪو لکي پنهنجي سان ٿو پاڻ سان

1

هي عمر جي کهائي آ لکي ڪونه سگهان ٿو
ڪنهن حال پاتي ڪنهن کي جلي ڪونه سگهان ٿو
ڪنهن ڏوهه ڪهين جو ٿي تقدير پلاتي.

2

ڏس رانجهن ڪيئن مرلي ڪٿي جوگي ٻڌيو هو
ڏس سهڻي ڪيئن پيوس رهي پيلو ڪنيو هو
ڏس ڪير پيو سسئيءَ کي ٻنڌرا ڪرائي.

3

ڏس دارا سڪندر ۽ وڏا شاهه گدائي
هر هڪ جي مقابل ۾ تقدير سمائي
ڏک ۾ فنا سک ۾ فنا ڪونه بقائي.

4

پريل ادا عشق کي اظهار ڪري جڏ
انڪار جڏهن عشق سان اقرار ڪري جڏهن
نصيبن جي آهي بازي ندڪو پاڻ بنائي.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (4)

بيوس نہ رهہ تون دلاءِ آ بيوفا زمانو
هو ساهہ هر جسم ۾ لالچ جو آ بهانو.

1

ڪنهن جو نہ خير خواهي ڪڏهين ڪوئي بڻي ٿو
مطلب رهي ٿو جنهن ۾ سڀ ڪي سوئي وٺي ٿو
ڳالهيون ڳٽي سهڻي لکيم سچو بيانو.

2

هزارين ڪري ڪوڙيلا ڏاريو نہ پنهنجو ٿيندو
سک ۾ آ ساٿي سهڪو ڏک ۾ نہ سڏ ڪو ڏيندو
ڪجهہ ڏيان ڏارج دلاءِ رک ياد هي فسانو.

3

اڄڻ ۾ چاهي تنهنجو رجي پيار لهہ تون پنهنجو
وٽ واٽ تون وندر جي ڪر پنڌ پنهنجو سهنجو
سک جو هڏي تون سندرو راهي ٿجانہ روانو.

4

پريل لکيو جي هوندو قسمت ۾ سوئي پوندو
مقدر جي بات ڪان ٿي هرگز نہ ڪوئي بچندو
هوندو جي سنگ دل جو سرهي ٿيندو پروانو.



Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

# ڪافي (7)

ڪجھ قياس نہ ڪر سچ سهڻن تي
من محب جو ماندو آهي روڪ ٿيھر جي ڪرڻن ڪي

1

هڪ لڪ لوهڙ جي لاٽ آهي ٻيو تيز تکي تنهنجي چات آهي
نيون رونسيء رلي جي هاڪ آهي جوٺون چاڪ ڏٺين تو چرنن ڪي

2

قياس نہ ڪرڻي ڪوسيء ڪي آهي هوڏ مان ٻيئر هر تو ڪاهي
وارو آ جلدي ڏم مچائي ڦوڪيو ڦيرائي تو تارن ڪي

3

نازڪ آهن نيتهن نهوڙيا پير پاٿيء پر جن اڃي ڪوڙيا
زلف ٻسيني تن جا ٻوڙيا سڪ ناهي ڪو سڄڻن ڪي

4

حال ڏسي مهنجو هنيان سڙي تو قياس نہ سودائي ڪنهن کي پوي تو
روح جوڙ ڪان ڪين رهي تو آهيان اداسي اڄڻن پر

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (8)

ڪنهن بي وفا سان ڪڏهين اصلي نہ دلڙي اڙايو
قاسي وجو جي ڦند ۾ هڪدم قدم هٽايو

1

ڀهرين آ هيءَ نشاني زرجي وٺي زباني
منهن کي ملائي منهن سان دلڙي ڪرن ديواني
تيستر هوندا توهان جا ڪيسو جڏهن ڪپايو

2

ڪسير جڏهن ٿيو حالي عاشق ڀڄيو موالي
پاسا ڏيندو پيو رتندو حالي نہ ڪو حوالي
دل کي هزار ڏڙڪا سچ پٽي ڀين ڀڏايو

3

هڪ کي ڏئي دلاسو سودو ٻئي سان خاصو
ڏينهن ڏيڍ ۾ گذاري تنهين ڏي رکن ارادو
اهڙا اٿو ڦهاري نخرن ڏي نہ نهاريو

4

سهڻا آهن شڪاري دنيا آ جن آزاري
سڀ ڪنهن کي هيءَ حقيقت معلوم آهي ساري
دل جو بخار دل ۾ ڏينهن رات آ سرايو

5

سوادئي اصل انهن جي ريجهو ڪڏهن نہ وجهانہ
هن حال کان تون سڀ کي واقف ڪندو پيو رهجانہ
تہ ظالم حسين آهن تن ڏي نہ رک وڏايو.



Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

# ڪافي (9)

ڏي ڏونگر ڪر ڏس ولي کهڙو ويا ڳس
انهيءَ راهه سان ٿيان مان رواني

1

ڏي آسمان خبر رڻ راهه پٽر ويو ڪيچ پنهل کهڙو ڏوهه ڏمر
راز رس سان ويو. يا ڏيرن ڏاڍ ڪيو نظر ڪاڻ اڄي ٿي ڪا نشاني

2

خبر ڪاڻ ڏنئون چوريءَ چوريءَ نيئون ڌوهن ڌوهه ڪري جني ڏار ڪيئون
موٽي مور نه ويندس سر ساهه ڏيندس پنهنجي پنهل مٿان ٿيان قرباني

3

هي سوال آهي مع منهنجو خدا جيئري جانب ڪان ڪر مون نه جدا
ڪامي ڪيچ رسان پنهنجو پنهل پسان جنهن لاءِ جبل جهاڳي ٿيس جوڳياڻي

4

سودائي سڪ ۾ منهنجو پلي ساهه وڃي دم ڏار پنهل ڪان ٿو ڪين رهي
قسمت آهي چڱي ڏسندس پنهل وڃي ٿيندي راضي وڃي هيءَ روحاني.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (10)

دلبر لاھ نہ دير ماندو منڙو تو واجهائي

1

ساعت هڪڙي ڪين سري ٿي درد پري دل دانهون ڪري ٿي
محبت مهارون ڦير.

2

نينهن ارهان جي ڪير آهي نانگو
سهڻا سر جو لاڪر سانگو
شوق ٻڌاپر جير.

3

ايندا اگڻ تي جڏهن مون جاني
ڏيندي شاد دلڙي ديواني
برھ وڃي ٿي پير.

4

جانب جڳ ۾ ٻيو نہ ٻانيان
صورت ورد سيني سمايان
سهڻا تو ۾ سير.

5

پريل پرين هٿ پاڻهي ايندا
درد ونڊڻ کي دلاسو ڏيندا
قرب ڪندو پيو ڪير.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (11)

يار شل مون گهر اچي هڪوار ڪر لهندو لوي
وصل جون واديون ڪلن ٿئي حج هي، ڪر اڪبري

1

حيف تن جي حال تي جيڪي يار کان ڏيڙيون پري
سڪ وارن جي ڪيشن سري جند جان جنهن سان جي، جڙي

2

قرب ڪرجهي، تي ڪري ايندا اڱڻ منهنجي دلڙي پري
وصل جو وارو وري معراج واري سا گهڙي

3

لاتقنطو من رحمت الله عاصين سان هي اقرار آ
رحم وارو يار آ وجي پٽ پريل تنهن سان پڙي

4

پريل پرين هٿ پاٺي ايندا درد وندي، ڪي دلاسو ڏيندا
قرب ڪندو ڀير ڪير.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (12)

تنهنجي حسن ڪيو حيران هي سر ساهه ڪيان نيلام

1

عين اوهان جا آهن عجائب مارن تير تمام

2

سهڻي صورت سيني سمايان تنهن کي سجدو سلام

3

ساعت ساعت ۾ سير عجيبان ماندو مست مدام

4

ورد وظائف هاديءَ حق جا هردي هل هاڳام

5

هادي هدايت ڪر ڪا عنايت ازلي عشق انعام

6

رهبر تو ۾ رمز حقيقي حيرت جو نہ حشام

7

سخي سوالي ويندو نہ خالي اهڙو اٿن انجام

8

رهبر راهه حقيقي ڏيکاريو غافل جذبو نہ غلام

9

قرب ڪچهريون روح ۾ رهبر هادي عشق امام

10

پريل پينار آقا اوهان جو سهڻا اوهان جي سام.



Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

# ڪافي (13)

منهنجي پنهور ڪان بس ڙي اديون مان ڪيچ پنهل ڏي ويندس ڪاهي

1

ساعت ساعت ۾ سور ٿا سنجرن نينهن جون نوڪان نازڪ نسن

عشق اولانبا اوڪا اپرن سڪ ڇڏايم سندرو ساهي

2

گوندر غم ۾ جهڙي ويا چوري جانب ري، آ جهجهڻ ۽ جهوري

عشق عجيب ۾ مٺي ته گهوري سهڻي جي هي، سار آهي

3

بار برهه جو سر تي آيم چشمن سان جيجي مان چايم

پيچ پنهل سان پختو پايم لنو لنو ۾ ويا لنواڙي لائي

4

بڪ آ پنهل ۾ ڪين ڇڏيندو ڪولي پنهنجي نيٺ گڏيندو

هي، ته نماڻي نال جو نيندو وهلو ايندم واڳ ورائي

5

ور پنهنجي لٺ ووڙيندس مان ڏونگر ڏک سان ڏوريندس مان

حال حبيب سان اوريندس مان پريل پرينءَ جا پنڌڙا پڇائي.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (14)

اڄ اچي اهڙيون اچانڪ قرب وارن مون ڪيون
هينئڙو پسي حيران ٿيو وايون ته ڀيون وسري ويون

1

عشق عجائب اوچتو نينن سندا نشان ڪيا
نازڪ نظاري نينهن واري جون لڳيون نوڪان نيون

2

حضرت

جوت جمال حسن حسنن موج جي مشعان م
پسي پيالو ٻر پياسين جام مان جڪڙيون جهڪيون

3

صورت سهڻي يار جي ڪير ملڪ آ اونهون اندر
ثابت صفا تي سير ٻر جوهيون سانگ تي سهسين سريون

4

پريل پسير جن پانهنجي وحدت منجهان واهه جو وصال
تن سنواري سريون ثابت سولي، مثان آهن سنيون.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (15)

ڪوهه ۾ پٽ تي ڪانگ اڏاريان آري ڄام اچيچ ميان
آري ڄام اچيچ ميان سهڻا سڏڙا سڻيچ ميان

1

هن تي رلي، سان روهه ۾ سهڻا ساٿي ٿيچ ميان

2

مهڻن ماري آهيان مٺي، ڪان منهن نه مٽيچ ميان

3

ور ولهي، جا ور تون ڪيچي قرب ڪريچ ميان

4

منهنجا عيب اوڻايون ڍڪڻ ڏٺي نه ڍڪيچ ميان

5

ووڙج ويهه م ويسلي لوڇي لوڇي لهيچ ميان

6

پريل نيندا پاڻ سان ڪرڇهي ڪماٽي ڪيچ ميان.

حاجي فقير عبدالحميد سومرو
دراز[illegible]
فون نمبر 0333-35[illegible]0750
Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (16)

اڄ محب منجهه سان راهه ۾ رس
هيءَ حال هيڻي جو پاڻ تون بس

1

تنهنجي درد هجر ۾ ڏاڍو ڪيان ايڏي جاني جدائي ڪيئن مان سهان
تنهنجي محبت لٽ لي ماندي مران هلي ڪونه ولهه جو ڪوئي وس

2

تنهنجي تاب حسن جو تير لڳو بي چين ٿيس آرام ڀڳو
تنهنجي سورن سوريو يار سڄو سوا تنهنجي ناهي ٻيو چارو جس

3

آءُ تو عجيبا آسن ڏي هن وره وڪوڙيه ويراڳڻ ڏي
هن ڏور ڏکيءَ ڏهاڳڻ ڏي وٺي ڪهوٽ نهاريان تنهنجو ڳس

4

هن راهه رليه سان ساٿي ٿيندو وڃي نينهن نماڻي نال نيندو
پريل پياسڻ ڏي پرين پاڻ اهندو شال پوندو پرينه کي ترت ترس

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (17)

ريءِ هوت هتڙي اديون منهنجو جاهي
پنهنجي پنهل ڏي ڪيچ ويندس ڪاهي

1

جيڏيون جدائيءَ جيءَ منهنجو جهوريو سهڻي جي سڪ ۾ سر ويو نه گهوريو
ڪيو نينهن نادان نازڪ نهوڙيو هٿي وڇوڙو ٿو منهنجي جان جلائي

2

جتن جاڙ ڪيڙي ڪجهه نه ڇيائون ڪري هيڪل هتڙي جوڙي ڇڏيائون
راڻو رڻ رليءَ ڪي پاڳي ڏنائون پون پور پلپل ٿا واٽون واجهائي

3

پيچي پنڌ پيرا پرين ڏي ويندس ارڏو عجيبن سر ساهه ڏيندس
ڏيندو هوت حامي قدمين مان ڪرندس مٺي سان مولا شل محب ملائي

4

پريل پاڻ ايندو جتي نه ڇڏيندو آهي پڪ پنهل ۾ گولي گڏيندو
هن نه سڪيءَ ڪي سهڻو پاڻ سڏيندو سارو حال چوندس سرڙو نوائي.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي سر پيروي (18)

هئي هئي سهڻن جي جهوري ٿي جدائي
سڪ آ سدائين محبت منجهائي

1

پرين پلڪ هڪ گرندر ٿو گذري هتڙي رهڻ مون مشڪل ٿو نظري
طعنن تپائي ٻولن ٻڌائي

2

ور ڏي وينڌي ريو ساهه منهنجو سرتيون تڏهن ٻه ٿيو پنڌ سهنجو
وٺي ڪين وائي جيڻ اجائي

3

ڇوري ڇپر ۾ هيڪل ڇڏيائون وينڌي ولهي کي ڪن نه ڪيائون
سورن ستائي وره وسائي

4

وڙوينڌي ور کي ڪندس وس واڪا ڀون مان ڪوهياري ڪن ڪرڪ ڪاڪا
ڪامڻ ڪهائي رڻ ۾ رهائي

5

پريل پرين جي ڪيون روح رهائيون ڪري ياد تن کي اهڙن اماڙيون
ڀنلهه پلائي سهڻن سيبائي



Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

# ڪافي (19)

آيو عشق اديون وڏا ناهه ناهي ڪري جوهه شاهي سوين رنگ رچائي

1

اهڙا ڍنگ ڍنگي واسينگ ونگي ڪري بيک بيحد عجب رنگ رنگي
سر سوريءَ تنگي تو منصور مارائي.

2

اهڙي رمز رائي وڏو گهوٽ گهائي عقل هوڙ هستي ماريا محب مائي
ڪيئي عاشق آئي تو ڪربل کهائي

3

ڪيا نينهن نانگا چڙيون سر جا سانگا هٿي نينهن نعرا لنگهيا لک لانگها
بار ڪئي بانڪا ويا سرڙا سهائي

4

مشاقن ازل کان ڪيا قول ڪيئي پسي مهٽي مورت سرها ٿيا سيئي
سر صدقو ڏيئي ويا رمزون رلائي

5

پيهي پاڻ ۾ جن پريل پاتي جهاتي پائي ديد دروني ڏٺئون عين ذاتي
ڏٺئون ڪنڌ ڪاتي ويا هوڪا هلائي.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (20)

برهه سندو مون کي باب ميان صورت سهڻي، آ سمجهايو

1

اڳ نه واقف ان ڪان ميان لڳڙو نينهن نواب رهي رمزن سان ريجهايو

2

آيو عشق اندر پرميان حب وڄايو حجاب ميان لالن جڏهن ليڪڙو پايو

3

علم عقل ڪان آجو ٿي ميان رهيو نه ڪوئي حساب ميان محبت من پر مچڙو مچايو

4

الست وارو آواز هڻي ميان روح وڄايو رباب سڪ وارن ڪٽي سيس نوالو

5

پريل پنهنجي پاڻ کي پاڙه الستي اسباب ميان عشق اسان جي اڳ تي آيو.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (21)

اهو ڇڏ خودي، جو خيال ميان ڇا کھڙو آ تنھنجو حال ميان

1

خاڪي آهين خاڪ ۾ ويندين، هستي، هوڏ مان ڪجهہ نہ وٺيندين
ٿي، نام ۾ ڪين نهال ميان.

2

مراتڻ واري، مام ۾ رھ تون، سور ۽ سختيون سر تي سھ تون
جيئن پاڻ ڪرين پيمال ميان

3

ھ خرقا پوتيون پائين شيخي، خاطر بيک بنائين
د ڪر نہ ايندئي تال ميان

4

ھ ڪين ڪمائج هستي هوڏ غير وڃائج
پو، لاهوتي ٿئين لال ميان

5

پريل پنھنجي پاڻ مان پس تون لاسان لاهج قلب جي ڪس تون
پو، جودڙن ماڻي جمال ميان.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي سر لوڙائو (22)

رانجهن رنگ پور آيو محبت جون جنهن مرليون وڄايون

1

ساز سٽي ٿا ٻس ٿوائن ڳازن سرڙو ڳوايو
ڪوڏئون ويندا ڪنڊڙو ڪپايون

2

جوت جمالي وحدت وصالي صورت سير ڪرايو
ديدن ڏيهيون گهورن سان گهايون

3

موج ملامت عشق امانت نانگن نينهن نچايو
نينهن جون نوڪان آهن نياريون

4

دم هٿي پوء دم ٻر دم ٿيا سولي، سرڙو چڙهايو
سوز جون پي ريا سرڪيون سوايون

5

جوڳي، جاني، جڳت جوڙي هردي هل هلايو
پنهنجو پاڻ ٿا پريل پايون.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي سر تلنگ (23)

هر ويلي ۾ هادي هر جاءِ هيڻن جو همراهه تون

1

اوکيءَ سانئي تون ئي سڄڻا راهگيرن جو راز تون
مهر ڪرين پڻ معذورن تي سنجهي ۽ صباح تون

2

سڀئي عاصي تون اڪارين آقا پڻ احسان سين
سڀئي سائل تون سهڻالين ننگي آن ننگپال تون

3

سوين نالا تو سنايا ملڪ ۾ ڪنهن مام سان
سڀئي صفتون تو سنديون آن پڻ شهنشاهه تون

4

لکين گداگر تنهنجي در جا پريل ۾ پينار تو
ڪهي تو در ڪانئي ڪانهي آهين بي پرواهه تون.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي تلنگ (24)

نڪو قاضي ڪتاب
عشق ئي آيو استاد اسان جو

1

عشق السـتي اهڙو آيو نينهن جو نقطو پرتئون پڙهايو
حد نه ڪوئي حساب

2

لوڪ ملامت سر تي سٺائون
لاحد لدني تنهن پڙهيائون
برهه وارو ڪو باب

3

صورت سجدو سير اسان جو
حال پڄاڻي ڪبر اسان جو
عالم زهد ذهاد

4

روزا نمازون نفل نسبا
عشق بنان سڀ ڪرڙا کسا
جا جو ذوهه ثواب

5

دم دم ديرو دلبر وارو
ڪعبو قدسي سر آ سارو
آدم جو اسباب.



Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

# ڪافي سر سهڻي (25)

ازلي آئي عشاقن ڏي الفي عشق انعام ميان
الفي عشق انعام ميان نينهن وارن جو نشان ميان

1

سوره سر سينگاري هليا رندي رمز ۾ روحي رليا
ڳل ۾ ڳانا لوهوء لڙهيا قرب ڪرلاب ڪلام ميان

2

مک ۾ مرليون ڪن ۾ ڪنڊل محبت جائن من ۾ منڊل
بيرنگي تن بره جا بنڊل آڏوتين انجام ميان

3

بي خوديء جون جي ڪن ٻاتيون حد لاحد جون سي ڪن لاتيون
ڏيل ڏندي سان موڏيء ماتيون اوڏو نه لين عام ميان

4

ڪمنڊ ڪنا من ۾ مٺيان جوڳين جيء اندر جٺيان
ويراڳين ڪي واه جو وٺيان طالب طلب تمام ميان

5

ناد نفيلان عشق اليلان نانگن نظرين نينهن جون نيلان
صوفي صاف جڏ تو دليلان نهيء پرير پيام ميان.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (26)

وڙهيچن سان وس ناهي منهنجو حجت کهڙي هلان
حجت کهڙي هلان ڪنهن پر سور سلان

1

ڪوڙي ڪاڙياري آهيان مان ڪهڙي پت پنهوارن سان پاڙيان مان
روئي راهون روز نهاريان مان پر پانڌيڙو ڪو شال پسان

2

جهڙي تهڙي مان آهيان انهن جي ڪين جڏهندا ڪڏهن پنهنجي
ڏار نه ٿي شال هن پر ڪنهن جي روئي وڃي رڃان

3

مون ڪي مارن مياروڻ مارن ٿيون گهڻ ڳالهيون تن جون ڳارن ٿيون
سينو ساهه اندر منهنجو ساڙن ٿيون ڪهڙي منهن مارن سان ملان

4

پريل پت پر جيڪي رهنديون سرتيون سڀ پر سيڻي سهنديون
ڪرهيون پيون ڪانڌ قرب لاءِ ڪوهنديون جيڻ آءُ ٿي ٻڻي جلان.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# ڪافي (27)

ڪجھ نہ ڪنان ٿي نہ ڪمايو اٿم سارو وقت هتان تہ وڃايو اٿم

1

مرم انهيءَ ۾ ماري آهيان پاند ڳچيءَ ڳل پايو اٿم

2

اڙ ڪٽ عيب ڳڻ ڪان ٻاهر ڪنهن ڪونہ حياءُ ڪر آيو اٿم

3

حال هيڻي حاضر حبيبا دلبر دل جو ٻڌايو اٿم

4

هت هُت حامي تون آن منهنجو اڙيءَ آسرو آيو اٿم

5

ٻاجهہ ٻاروچي ڪي پريل پوندي جنهن جي قرب ڪرم جو سايو اٿم.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (28)

عاشق آ سدا انتظار ۾
عاصي جون عيدون ٿينديون دلبر جي ديدار

1

باهه برهه جي ڀڙڪا ڏئي ٿي ساٺول تنهنجي سڪ ۾
آتش عشق آنبهه ڪير جنهن ليڪرو پاتش لڪ ۾
بلبل آهيان پيارل تو بچار ۾

2

محفل تنهنجي محب مڙوا ساهه منهنجو ٿو ساري
جيئڻ پسان پرين مان توکي تيئڻ موٽ نه ماري
ڪونه پانيان ٿو ٻيو ڪو هن سنسار ۾

3

هت مان سهڻا توکانسواءِ گهنگهر ۾ مان گهاريان
پارس پرين ڪو قرب ڪري اچ نه جان جنڌي کي جياريان
وارث آهيان تنهنجي وصل ويچار ۾

4

پارت توکي پيارا پريل جي پياسي اٿو پرتو
دامنگير کي ڏيو دلاسو قرب ڪوهيارا ڪو ڪو
اچڻ ۾ آ عاصي تو آڌار ۾



Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

# ڪافي (29)

عمر ڪر نہ ايڏيون ڏکي سان ڏنگايون
پون ياد پلپل ويڙهيچن جون وايون

1

آهيان آءُ انهن جي ڪن شال پنهنجي
وڃي پٽ پنهوارين ٿيان سانگ سهنجي
ملي شال مارن سان گوندر گنواريون

2

ڪري ڏاءُ ڏاڍا بند ڪيئي باندي
سواءِ هت مارن جي مٺي آهي ماندي
الله ڪري شل ڏسان پٽ پنهواريون

3

مارون مير منهنجا سهڻا سياڻا
ڪنهن جي غرض گوپا نہ آهن اباڻا
تن جون من کي ڳارن ٿيون ڳالهيون.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي سر پيلو (30)

اٿ طالب توحيد اها ڪر
موڙيه ڪي نون مار ووپار

1

جا هئين جا هت ئي آئين ڪهڙي ملي تو ڪار ووپار

2

ورد وظائف ڪيئي ڪرين تو پنهنجو اندر اجار ووپار

3

ڪثرت سان وري وحدت ڪر نون اهڙي سرت سنهار ووپار

4

ونحن اقرب تنهنجو تو سان وٺي نه ٻي ڪار وار ووپار

5

پريل پنهنجو پاڻ پروڙي اهڙي پرت سان پاڙ ووپار

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# ڪافي (31)

هر دم توسان هادي حامي آهي شهنشاهه ميان الله ميان

ڪثرت قرب مان ڪر ڏٿون ڪاهي رندانو پس راهه ميان الله ميان

هردي اندر هو هو بولي من ماڻج ماهه ميان الله ميان

پڪي پريت پرين سان پاڙي وحدت حق ويساهه ميان الله ميان

بيرنگيءَ ۾ رنگ ڪري جاڻين صورت ساهه پساهه ميان الله ميان

سر جو صوفي ساهه سريءَ ۾ هادي دم همراهه ميان الله ميان.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# ڪافي (32)

جو تو عمر ادا تون اجائين
نتو مارن سان مون کي ملائين

1

زوريءَ ظلم ڪري هت تو آندو
من مارن بنان آهي ماندو
جو تو سانگين ڪان مون کي سڪائين

2

فقير
قيدي قسمت مون کي آ ڪرايو
بيوس باندي جهين آ بنايو
ڪيڏا قادر تو کهوا ڪرائين
مڪرر ١

3

تون ڏ پاءِ عمر منهنجو آهين
جو تو سينو ستر سان تون ساهين
نتو وهر بنهنجي کي هٿائين

4

ڪاڻ پهرڻ نتو وٽي ڪوٽي
مان ڏ ڪين لحائيندس لوٽي
جو تو ڏوڪ ڏني تون ڏيهائين

5

پريل پياس اندر جي ٿني پوري
ڏسان مارون اکين سان مليري
الله اوڏانهن شال اماڻين



Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# كافي (33)

ماندي ملير ڏي ويندي وڃي مارن ملندي
وڃي مارن ملندي سارو سور سلندي

پنڌ ۾ پنڌياڻي نڪو ساٿي سانگياڻي
ڏسي لوني اباڻي مٺي مري جيئندي.

Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# لاڏو (34)

اڳي جا احسان انواري آ ارشاد جي

1

مرشد مک جو روشن چهرو گل گلابي ڳيڙو ڳهرو
سارنگ ڪيا سبحان سرداري آ ستار جي

2

سهڻي سائينءَ جي آئي سواري سڀ فقر ۾ آئي بهاري
روشن ٿيا شمعدان اظهاري شمشاد جي

3

سر سهڻي جي سهرا سونهن عجب نظارا من کي موهن
راضي ٿيو رحمان دلداري آ دلشاد جي

4

عشق عطا ۾ الله سمايو سهڻي ملائڪن سرڙو ڳايو
موهيا محبوب مستان مهداري آ مهدار جي

5

محبت موج محفل ملهايون هردي هاديءَ جو هل هلايون
پريل پريم پيمان حيداري حيدار جي.



Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته

دوستن کي عرض آهي هن ڪتاب
جا موڪليل ايترا صفحا مليا هئا
ان کان وڌيڪ نه مليا اهي
PDF ڪري مناسب سمجهيم
موڪلي اسيون پڙايو ويو هوندو ڪُل
چوڏهه ڪلام مڪمل آهن
مگر پنج ۽ ڇهه نمبر ڪلام
مِس ٿيل آهن والله اعلم

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner